مشتاق احمد گبول

# شيخ اياز جي دوها نگاري

# ‘DOHA’ COMPOSED BY SHAIKH AYAZ

**_Abstract:_**
*Shaikh Ayaz, the Great Modern Poet of Sindhi Language, has composed poetry in almost all forms of Aroozi, Modern and Classical Poetry. He replaced old themes and traditions of Aroozi and Classical Poetry by inducting modern themes in artistic language. He expressed his romantic feelings with relation to physical beauty of woman in his modern Doha. He also expressed Political, Social and Philosophical themes in Doha. In this paper I have traced out thematic and artistic worth of Sindhi Doha composed by Shaikh Ayaz.*

عروضي شاعريءَ جي سخت گير ۽ روايتي ماحول ۾ اياز، جديد غزل (گيڙو ويس غزل جي نالي سان) جديد گيت (ديهاتي گيت جي نالي سان) جديد نظم ۽ جديد سنڌي سنگيت ناٽڪ (مندن جو منڊل، 1946ع) کان پوءِ ڪلاسيڪل شعري صنفن بيت، سورٺو،وائي ۽ دوهي ڏانهن مائل ٿيو. اها ئي اياز جي ان دور جي روايتي شاعريءَ کان صنفي بغاوت هئي. جيتوڻيڪ اهو دور، روايتي عروضي شاعريءَ جي عروج جو دور هو. ان دور ۾ اياز جن ٻـ صنفن ۾ لکيو انهن ۾ نوان نوان موضوع، نيون تشبيهون، ۽ استعارا تخليق ڪري، نئين دور جي ماحول سان هم آهنگ ٻوليءَ ڪتب آندي ۽ فني تجربا ڪري، انهن صنفن جي ڪايا ئي پلٽي ڇڏي. روايتي عروضي شاعري جي عروج واري دور ۾، جڏهن گهڻي ڀاڱي سنڌي شاعريءَ جدت ۽ نواڻ کان آجي ۽ سطحيت جو شڪار هئي. ان دور ۾ عموماً گهڻي ڀاڱي سنڌي شاعري هڪ قسم جي شاعراڻي مشق بازي بڻجي وئي:

> ان دور جي نمائنده شاعرن، گدا، قليچ، وغيره جي شاعريءَ ۾ هڪ طرف غنايت (lyricism) جي اڻاٺ هئي ۽ ٻئي طرف اها پنهنجي موضوع، هيئت، ۽ تجريد جو شڪار هئي. ان وقت جي شاعري ۾ سطحيت، آوره ناصحانہ انداز غالب هو. ان دور جي شاعري جعلي ڪلاسيڪيت جي بگاڙ جو شڪار رهي. فني باريڪيون، لفاظي، لساني اصولن ۽ روايتي گهاڙيٽن جي سختيءَ سان پابندي کي ئي معراج ڪمال سمجهيو ويندو هو.خيال جي علويت، تخليقي صلاحيت ۽ فڪري بلنديءَ ڏي توجهہ نہ پئي ڏنو ويو.شاعري زياده تر ناصحانہ ۽ طنزيہ، جنهن ۾ مذهبي جوش، سياسي تنقيد ۽ ذاتي هجو عام هئي. ان دور جي شاعريءَ ۾ زندگي جي ديگر جزئيات کي اهميت حاصل ڪا نہ هئي، فطرت جو ذوق، قدرتي نظارا، خوبصورت ڳوناٺي زندگي ۽ عام ماڻهوءَ جي حياتي کان صرف نظر ڪيو ٿي ويو. (چانڊيو، 1998: 315)



اياز عروضي ۽ ڪلاسيڪل شعري صنفن بيت، وائي ۽ دوهي کي نئين شعري ماحول ۽ فضا کان آشنا ڪيو. ان وقت جي عروضي شاعريءَ واري ماحول ۾ بيت ۽ وائي جي صنف جو تہ اياز ئي اڪيلو جديد شاعر هو. انهن صنفن کان علاوه ”سورٺو“جي صنف کي بہ اياز ئي نئين سنڌي شاعريءَ ۾ سونو بڻائي پيش ڪيو. اياز نئين سنڌي شاعريءَ جي ابتدائي دور ۾ ئي، شاعريءَ جي هر صنف کي پنهنجي لوڪ ۽ ڪلاسيڪل شعري روايتن سان جوڙي، نئين سنڌي شاعريءَ ۾ نيون شعري روايتون قائم ڪيون. هن پراڻين روايتن کي پنهنجي شاعريءَ ذريعي ڦٽي ڪري ڇڏيو. هُو جديد سنڌي شاعريءَ ۾ نئين شعري روايتن جو جنم داتا بڻجي آيو. ***هن دوهي جي صنف ۾ روايتي عروضي شاعريءَ جي موضوعن، اخلاق، طنز، مذهب ۽ ناصحانہ نڪتن کي ويجهو اچڻ ئي نہ ڏنو.*** جيتوڻيڪ اياز جا ابتدائي دوها، دوهي جي روايتي گهاڙيٽي ”دوها ڇند“ تي رچيل آهن، پر سندس دوهن ۾ ٻولي، خيالن، تشبيهن، استعارن، ۽ علامتن کان وٺي موضوعن تائين، سڀ شيون روايت کان هٽيل آهن، انهن ۾ سنڌي ماحول ۽ منظرنگاري آهي:

آهي تنهنجي ياد جي، ائن گذريءَ گونج،
آڪيري مان جئن وڃي، اڏري ڪائي ڪونج.

نئين مان جو نئن ڇُلي، ڪڪ پن تي ويا رنج،
نڪتيون تنهنجون ڳالهڙيون، جئن پاٽي تي هنج.

تارن جا تڙڪا پيا، جن سان جرڪيا جر،
ماڻڪ موتي ٿي وئي، جڻ منڇر جي ڇر.

نيڻن کي ڏي ننڊڙي، پڌري ٿي پريات!
ڪيسين ڪوڪي ڪوئلون، ڪاٽن ڪاري رات.

(اياز مهراڻ 1956/3: 12)

اياز جي ابتدائي دوهن جو رنگ ئي پڪو ۽ پختو رچيل ۽ رسيل، گهرو ۽ گهاٽو آهي. هن پنهنجي ابتدائي دوهن ۾ اصلوڪو ڪلاسيڪل رچاءُ، سنڌي سياءُ ۽ مزاج پريو آهي. سندس ابتدائي دوهن ۾ لفظن جي جڙاوت ۽ تجنيس حرفي ذريعي سنڌي ٻوليءَ جو صوتي آهنگ سمايل آهي. هن، پنهنجي ابتدائي دوهن ۾ ئي پنهنجي لاءِ الڳ رستي جي چونڊ ڪئي ۽ هندي آهنگ ۽ رنگ بجاءِ پنهنجي دوهن کي سنڌي آهنگ ۽ رنگ ڏنو . ايئن هن اڻٽدي ئي نئين سنڌي شاعري ۾ دوهي کي پنهنجو الڳ مزاج ۽ نج سنڌي ماحول ڏنو. جديد سنڌي دوهو ورثي ۾ مليل انهيءَ مزاج ۽ نج سنڌي ماحول کي اڄ سوڌو قائم ۽ دائم رکيون ٿو اچي.

اياز وٽ دوهي کان وٺي هر صنف ۾ ادائيگيءَ جي انفراديت ۽ پيشڪش ۾ فطري سونهن سمايل آهي. اياز دوها ڇند کان پوءِ ”سرسي ڇند“ ۽ ”للت ڇند“ تي دوها لکيا :

بن بن ڀٽڪي،تن تن تڙڦي، هٺ هاري انسان،
دور دور ۾ ڀٽڪيو آخر، تنهنجي در نادان.

ڇوري ڇوري پهچي من ۾، لڪي ليٹا پائين،
آءُ هلي هي گهر تنهنجو آ، منهنجا منڙا سائين!

مان ئي حسن ازل جو، مان ئي هان بدصورتي،
مان پوڄاري مان ئي مندر، مان ئي پنهنجي مورتي.



(اياز مهراڻ 1956/4: 12)

آخري دوهو ته اياز جو وزن جي لحاظ کان تجرباتي دوهو آهي، جنهن جي هر هڪ چرڻ ۾ سورهن سورهن (16، 16) ماترائون آهن. دوهي ۾ ڪُل چوهٺ (64) ماترائون آهن. اڳتي هلي ٻين شاعرن نياز همايوني، سرويچ سجاولي ۽ ٻين شاعرن، هِن وزن هيٺ دوها لکيا. ايئن اهو وزن، نئين سنڌي دوهي جواهم وزن بڻجي ويو. وزن کان علاوه مٿين دوهن ۾ ٻولي، موضوعن، ترنم ۽ آهنگ کان وٺي لفظيات، اندروني قافين ۽ تجنيس حرفي تائين، هر لحاظ کان اصلوڪي روايت، سنڌي سياءُ ۽ مزاج کي اپنايو ويو آهي. هن ابتدا ۾ ئي دوهي ۾ ترنم، ۽ آهنگ لاءِ نوَن ڇندن ۽ وزنن جي چونڊ ڪئي. هن، اهي ڇند ۽ وزن چونڊيا، جن سان دوهي ۾ نغمگيءَ، موسيقيت، صوتي آهنگ ۽ ترنم ۽ نديءَ جهڙي بي پناهه رواني پيدا ٿي پئي سگهي. اياز ڄاتو ٿي ته دوهي جي حسن جو تعلق ئي خيال جي انفراديت، ترنم، آهنگ ۽ نغمگي سان آهي.

اياز جا دوها، موضوعاتي لحاظ کان رومانوي، سماجي، سياسي ۽ فلسفياڻن موضوعن تي آهن. انهن ۾ موضوعن جي ويرائٽي (veriety) آهي. موضوعن کان علاوه، سندس دوهن جي ٻي اهم خوبي، سنڌي ماحول آهي. اهي سنڌ جي زرعي سماج، سنڌ جي ڪلچر ۽ تهذيب سان جڙيل آهن. ان ڪري، دوهن لاءِ تشبيهون ۽ استعارا به سنڌي ڪلچر ۽ ثقافت مان ڪنيا ويا آهن. ٽين جيڪا اهم خوبي آهي، سا آهي موسيقي ۽ ترنم مطابق نون ڇندن ۽ وزنن جو استعمال ۽ ”وسرام“ جو پنهنجي مرضي ۽ منشا مطابق استعمال. جنهن ذريعي دوهي ۾ ترنم ۽ غنائيت پيدا ڪئي وئي آهي.

اياز جا دوها، نازڪ خياليءَ، لهجي جي سحرانگيزيءَ، ادائيگي جي اثر انگيزيءَ، خيالن جي رنگيني ۽ دلڪشي، جدت ۽ نواڻ جي ڳهه ڳڻن سان سينگاريل آهن.

اياز پنهنجي دوهي جي ذريعي نه رڳو سنڌي شعري لغت ۾ نوان نوان لفظ داخل ڪيا، پر دوهي جي ٻوليءَ، ان جي مزاج ۽ ان جي رومانوي سڄاڳپ کي نئون رنگ ۽ ڍنگ ڏنو. هن پنهنجي دوهي ۾ رومانس کي تخليقي سطح تي ورتايو آهي. هن جو رومانس بلاغت ۽ جماليات جي رنگ ۾ رنڱيل آهي.

پياليءَ پياليءَ مان رس پيتي، منهنجي پريت پياڪ!
کهڙي کهڙي مومل ساريان، کهڙي کهڙي ڪاڪ.

(اياز 2018: 93)

ڦِري گِهري هن ڦلواڙيءَ ۾، جڏهن بہ ڪٽنديئہ نيڻ،
پن پن ڏيندي پيار اسان جا، وڻ وڻ ڏيندءِ ويڻ.

(اياز81:2018)

ڪيئن ڪريان مان، ڪيئن ڪريان مان، گهڙيءِ گهڙي آ گهاءُ،
هاءِ پرين سان پريت لڳائي، مري وڃان ها ماءُ.

(اياز95:2018)

اڏري آئي انهن تي اک، نظر نظر آ جهار،
چپ پرينءَ جا اهڙا، جهڙي ڪچي ڪچنار.

(اياز82:2018)

اياز جا رومانوي جذبا ۽ احساس بہ پنهنجي ڪلچر ۽ تهذيب ۽ انساني حسن مان سرجيل آهن. اياز دوهن ۾ عورت جي جسماني حسن کي انساني احساسن ۽ جذبن ذريعي ڳايو آهي. سندس دوهن ۾ رومانوي احساسن ۽ جذبن جو تعلق، عورت جي جسماني ۽ جنسي تصور سان آهي. مٿين دوهن ۾ پهرئين نمبر دوهي ۾ رومانس کان وڌيڪ جنسي تصور نمايان آهي. ان دوهي ۾ جنسي تصور اهڙي تہ فنائتي نموني ڦبيل آهي، جو ڪٿي بہ ولگرتي ظاهر نٿي ٿئي. ان دوهي ۾، پياليءَ پياليءَ رس پيئڻ، پياڪ، مومل ۽ ڪاڪ اياز جون تخليق ڪيل علامتون آهن. اياز انهن علامتن ذريعي جنسي تصور کي بيان ڪيو آهي. آخري دوهي ۾ جماليات جي ويس ۾ رومانوي احساسن ۽ جذبن کي بيان ڪيو ويو آهي، آخري دوهي جو تعلق، دوهي جي ڪلچر، يعني زرعي سماج سان آهي. جنهن ۾ لفظ ”جهار“ زرعي سماج جو عڪس ٿو پيش ڪري. ان دوهي ۾ خيالن جي حسناڪي ۽ انفراديت آهي، ”نظر نظر جهار“ ڪهڙي نہ نئين، اَڇوتي ۽ تازگيءَ ڀريل رومانوي ترڪيب آهي. چپن جي ڪچي ڪچنار سان تشبيهہ بہ ڪيڏي نہ پياري، دلڪش ۽ رنگين آهي.نئين سنڌي شاعري ۾ اياز جو فن، هڪ تحريڪ جي حيثيت رکي ٿو. سندس دوها، ان تحريڪ جهڙي فن جا زندهہ جاويد مثال آهن. موضوعاتي ونڊ ۽ ورڇ جي لحاظ کان دوهي جهڙي رومانوي، نفيس ۽ ڪومل صنف ۾ نت نوان سياسي، سماجي ۽ فلسفياڻا موضوع آڻي، دوهي کي موضوعاتي وسعت ۽ گهرائي بخشي وئي آهي. اياز سياسي، سماجي فلسفياڻن موضوعن تي دوهي جو ڪلچر ۽ مزاج قائم رکيو آهي. سندس دوها، ڪهڙي بہ موضوع



تي چو نہ هجن، پر اهي مقامي ڪلچر، تهذيب ۽ مقامي ماحول سان ڳانڍاپو رکن ٿا ۽ انهن ۾ پنهنجي سماج جا مسئلا مونجهارا، پريشانيون، حادثا، واقعا، غربت، بک، ۽ ڏک جهڙا موضوع خاص اهميت رکن ٿا.

هاءِ بکيون، اڌ ننگيون نياڻيون، تن جي لڄ لڪاءِ،
آءُ هوا، هن پونگيءَ ۾، ڏيئي جي وٽ وساءِ.

(اياز 95:2018)

ايڏي ڪوسي رت سان، هٿ پٿي ٺاريئہ؟
ڪيڏيون ڪونجون روهہ تي، گوليءَ سان ماريئہ؟

(اياز366:2010)

موت سوا ٻي ڪابہ حقيقت، هن دنيا ۾ ناهي،
ڇا ڪوئي چنگيز ڏسين ٿو، ڪوئي هلاڪو آهي؟

(اياز217:2018)

اياز دوهي ۾ رومانس، فلسفياڻن سياسي ۽ سماجي موضوعن کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. هُو جديد دوهي جو بنيادي شاعر آهي، انهيءَ لاءِ هن دوهي ۾ موضوعن جون نيون نيون راهون جوڙيون ۽ انهن راهن تي ( فلسفياڻن موضوعن جي لحاظ کان ) هو اڪيلو ئي هليو آهي. هن پنهنجي دور جي داخلي ۽ خارجي ڪيفيتن ۽ حالتن کي نرم ۽ نفيس لهجي ذريعي بيان ڪيو آهي. سندس دوها، هن جي دور جي پيڙا جا عڪاس آهن. هن پنهنجي دور جي تڪليفن کي پيش ڪرڻ سان گڏ، دوهي ۾ زندگيءَ جي گهرائي ۽ آڪاس جيتري وسعت سمائي ڇڏي.جيئن صنف جي لحاظ کان دوهي جي صنف نهايت نرم ۽ ملائم آهي، بلڪل ائين صوتي لحاظ کان سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ بہ ڪوملتا، ميناج ۽ مڌرتا آهي. ٻي معنيٰ ۾ ائين چئجي تہ سنڌي ٻوليءَ، دوهي جي مزاج ۽ ڪلچر، دوهي جي نفاست ۽ ملائميت، ترنم ۽ آهنگ واري ٻولي آهي.

اياز پنهنجي دوهن ۾ دوهي جي ملائميت ۽ ان جي ترنم ۽ آهنگ مطابق اهڙن نون وزنن ۽ ڇندن جو واهپو ڪيو آهي، جن ۾ رواني ۽ غنائيت آهي. هُن، دوهي جي ترنم، آهنگ ۽ غنائيت ۾سنڌي ٻوليءَ جي اصل ترنم ۽ لئي کي سمائي، ان کي سنڌي موسيقي جي ترنم ۽ لئي جي رنگ ۾ رنڱي ڇڏيو آهي. اياز رڳو موضوعاتي لحاظ کان دوهي جي مزاج کي ناهي بدلايو پر هن دوهي جي اندروني مزاج، ان جي

ترنم ۽ آهنگ ۾ ان جي ٻوليءَ کي بہ بدلائي، اُن کي سنڌي سپاءُ ۾ مزاج ڏئي ڇڏيو:

ڏنا ڏنا ڪنهن، ڏنا ڏنا ڪنهن، منا منا هُوچپ،
ڪُڇي هٽي ويا ڪپ اسان کي، ڪڇي هٽي ويا ڪپ.

(اياز 81:2018)

هن دوهي ۾ ڏ، ا، ڪ، م ۽ سپ کان ٺ وڏيڪ حاوي آهي. انهن مختلف حرفن ۾ آوازن جي آرڪيسٽرا ذريعي مختلف سرن کي ڇيڙيو ويو آهي. دوهي ۾ لفظ لفظ، ردم، لئي ۽ سُر ۾ وڄندي ۽ نرت ڪندي نظر اچن ٿا. ٻڌن لفظن، تجنيس حرفي ۽ ورجاءُ جي ذريعي وجداني ڪيفيت پيدا ڪئي وئي آهي. لفظن ذريعي سرن جو اهڙو وايومنڊل پيدا ڪيو ويو آهي، جنهن کي پڙهندي بي اختيار رقص ڪرڻ تي دل چاهي ٿي. لفظن جي صوتي آهنگ ذريعي ترنم ۾ بي پناهہ رواني پيدا ڪرڻ کان علاوه، دوهي ۾ محبت جي جنهن جذبي ۽ ڪيفيت کي سمايو ويو آهي، ان کي ڏسجي تہ ان ۾ وصل ۽ سنگم جي سرشاري ۽ مدهوشي آهي. ڇپن ۾ مناڻ جو احساس، انهن کي ماڻڻ ۽ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي ڪري سگهجي ٿو. وصل ۽ سنگم جي مدهوشي جي ڪيفيت سان گڏ فخريہ انداز ۾ ساراهہ ۽ واکاڻ ڪرڻ جي انداز جو تہ ڪو جواب ئي ناهي.

ڪڇي نہ ڪوئي لڇي نہ ڪوئي، ڀڇي نہ ڪوئي هاءِ،
پوءِ بہ چوين ٿو مون کي آهي، تنهنجي جڳ ۾ جاءِ.

(اياز 89:2018)

هن دوهي ۾ ڪ، ج، و، ي، ۽ ج جي ورجاءُ ۽ تجنيس حرفي ذريعي پيدا ٿيل موسيقي ۽ اڇل کي ڏسي، اها ڳالهہ آساني سان سمجهہ ۾ اچي ٿي تہ سُر ۽ غنائيت، ايازجي دوهن جو اهم عنصر آهي. اياز ڪڇي، لڇي ۽ ڀڇي جهڙن اندروني قافين ذريعي جيڪي سُر ڇيڙيا آهن، انهن ۾ جيڪا تِک ۽ تيزي آهي، اها لوڙهي ٿي ڇڏي. دوهي جي معنيٰ ۽ مفهوم کي ڏسجي تہ ان ۾ هڪ قسم جو احتجاج آهي. احتجاج ۾ هميشہ آواز کي بلند ڪيو ويندو آهي. آواز کي بلند ڪرڻ سان خود بخود لهجي ۾ تِک ۽ تيزي پيدا ٿي ويندي آهي. لهجي جي اهڙي قسم جي تبديلي، شعر جي فطرت مطابق هوندي آهي.

ڏيهہ ڏئي ٿو ڏوهہ، اديون ڙي، ڏيهہ ڏئي ٿو ڏوهہ،
آنءُ چوان ٿي، ڏوهہ سهي، پر منڙو آهي موهہ.

(اياز 88:2018)



هن دوهي ۾ ي، و، م، ۽ خاص ڪري ڏ ذريعي صوتي آهنگ ۾ موسيقيت پيدا ڪئي وئي آهي. اياز جديد سنڌي دوهي ۾ تجنيس حرفي جي فني خوبصورتي جي روايت قائم ڪري، پنهنجي لوڪ ڪلاسيل شعري روايت سان تخليقي ڳانڍاپو قائم ڪيو آهي. هن نئين سنڌي شاعريءَ ۾ لوڪ ڪلاسيڪل شعري روايتن کي زندگيءَ ڏئي، نئين سر جيئاريو آهي. مٿئين دوهي ۾ بہ جيتوڻيڪ دانهن ۽ احتجاج آهي، پر، انهيءَ دوهي ۾ اياز نسواني لهجو اپنايو آهي. نسواني لهجي ۾ جيڪا نفاست ۽ ملائميت هوندي آهي، ان کي قائم رکيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي، جو دوهي ۾ دانهن، ڪوڪ ۽ احتجاج هوندي بہ لهجي جي نرمي تبديل ناهي ٿي. ڇو تہ اياز احتجاج ۽ دانهن جي عنصر کي مٿي اڀارڻ بجاءِ "جَهڪو" ڪيو آهي. هن ان دوهي ۾ احتجاج ۽ دانهن جي عنصر تي پيار جي، عنصر کي غالب رکيو آهي. نسواني لهجي ۾ جڏهن پيار جو عنصر مٿي اڀري ايندو آهي، تڏهن ان جي لهجي ۾ اها ساڳي ئي نرمي برقرار رهندي آهي، ڏيهہ جي ڏوهہ ڏيڻ باوجود، موهہ کي "منڙو "چئي، ڪيتري نہ نرمي ۽ نفاست سان، سماج جي جوڙيل سمورن هٿرادو ريتن ۽ رسمن کان انڪاري ٿي، بغاوت بلند ڪئي وئي آهي. احتجاج، دانهن ۽ بغاوت باوجود، دوهي ۾ لهجو پيڪيدار(loudly) نہ ٿيو آهي، اهو ئي تہ اياز جي تخيل، بلند خيالي ۽ نازڪ مزاجي جو ڪمال آهي.

ڀِري ڀِري من مُڪڙيون ڳولي، لڳي پونر کي پياس،
ڦِري ڦِري هن ڦُلواڙي ۾، وٺي سدائين واس.

(اياز 85:2018)

هن دوهي ۾ "ڀِري ڀِري" ۽ "ڦِري ڦِري" لفظن جي ذريعي صوتياتي آهنگ ۾ موسيقيت پيدا ڪئي وئي آهي. اياز دوهي ۾ ٻن نمونن سان ترنم ۽ موسيقي پيدا ڪئي آهي؛ هڪ نموني ۾، اندروني قافيا تجنيس حرفي، ورجاءُ ۾ ٻٽا لفظ اچي وڃن ٿا، تہ ٻئي نموني ۾ "وسرام" جي ذريعي ترنم ۽ لئي پيدا ڪئي وئي آهي. دوهي ۾ وزن ۽ ڇند جي قاعدن ۽ اصولن مطابق وسرام جي جاءِ مقرر هوندي آهي، اياز وسرام کي مقرر جاءِ تي ڪتب آڻڻ سان گڏ، ان کي پنهنجي مرضي ۽ منشا موجب بہ ڪتب آندو آهي. "سرسي ڇند" جي پهرئين ۽ ٽئين چرڻ ۾ سورهن سورهن(16_16) ماترائون ۽ ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾ يارهن يارهن ماترائون هونديون آهن. ان لحاظ کان پهرين ۽ ٽين چرڻ ۾ سورهن سورهن (16_16) ماترائن کان پوءِ وسرام ايندو ۽ ٻئي ۽ چوٿين چرڻ ۾

يارهين ماترا کان پوءِ "وسرام" ايندو. اهو ان چند جو اصول آهي.

گهاٽ گهاٽ ٿو توکي ساري، سکر نہ ايندين يار!
ڪڏهن پتڻ تي پريت ڪنداسين، ڪڏهن نديءَ جي پار.
(اياز 82:2018)

اياز هن دوهي ۾ "وسرام" جو استعمال مقرر جاءِ تي ڪيو آهي. هندي شاعري ۾ جيڪا وسرام جي پابندي آهي، اياز ان پابندي ۾ روايت کي ٽوڙي ترنم ۽ آهنگ پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجي مرضي موجب وسرام جو استعمال ڪيو آهي. اياز ٻين شعري صنفن وانگر دوهي ۾ بہ روايت شڪن واري سچاٽپ قائم رکي آهي.

پيچ پني آ، ماڪ وسي ٿي، ڪونئي ڪول ڪلال،
آڻ تہ پيئان، آڻ تہ جيئان، جيئين سدائين سائين شال!
(اياز 91:2018)

هن دوهي جي پهرئين ۽ ٽئين چرڻ ۾ اٺ اٺ (8_8) ماترائن کان پوءِ وسرام آڻي نہ رڳو تجربو ڪيو آهي، پر اهڙي تجربي ذريعي ترنم، آهنگ ۽ موسيقيت بہ پيدا ڪئي وئي آهي. روايت شڪني ۾ تہ اياز کي منفرد مقام حاصل آهي،پر هن جي فني تجربن جو بہ الڳ جهان آهي.

مان سنڌوءَ جي ڏار، نہ روڪيو آ، جنهن کي ڪنهن گهاٽ،
لهر لهر تلوار ڪندي وئي، ڪن ڪن ۾ ڪڙڪاٽ.
(اياز 106:2018)

هن دوهي جي پهرئين مصرع جي پهرئين چرڻ ۾ يارهن (11) ماترائن کان پوءِ "وسرام" آيل آهي ان کان پوءِ ٻي جاءِ تي "وسرام" ست ماترائن کان پوءِ آيل آهي. مطلب تہ وسرام جي مقرر جاءِ ۾ هنڌ کي هن تبديل ڪيو آهي. هن دوهي ۾ "ٻٽي قافيي" جي خوبصورتي الڳ موجود آهي. اياز پنهنجي شعري مجموعي، "سانجهي سمنڊ سپون" ۾ تہ اهڙي قسم جا ڪيترائي تجربا ڪيا آهن. سندس اهو شعري مجموعو تہ گهاڙيٽن، وزنن ۽ ڇندن جي نواڻ ۽ جدت تائين فني تجربن جو نئون جهان پسائي ٿو. ان ڪتاب ۾ شامل اياز جي دوهن جو رنگ ۽ روپ نرالو آهي. دوهن جي ٻولي، رواني، وزن ۽ گهاڙيٽا بنهہ مختلف، نوان، منفرد ۽ حيرت ۾ وجهندڙ آهن. انهن دوهن جي ٻولي بہ نئين آهي، ۽ اياز جي اڳ وارن دوهن جي ٻوليءَ کان مختلف آهي.



"سانجهي سمنڊ سپون" ۾ هن نظماڻي ٻولي ۽ نظم وارا بحر وزن ۽ نظم واري رواني ڪتب آندي آهي. انهن مان اڪثر دوهن ۾ رديف استعمال ٿيل آهي. گهاڙيٽا بہ نوان ۽ هيئت جي لحاظ کان هوبهو غزل جي مطلع جي هيئت جهڙا آهن. ان ڪتاب ۾ اياز جي تجرباتي دوهن جو هڪڙو حسين، نئون ۽ انوکو تخيلاتي جهان آهي.

ٻيهر ڪنهن سان پيار، ڪري سگهندين تون؟
پنهنجو مايا جار، ڪري سگهندين تون؟
(اياز 221:2010)

پرڙ منجهان ٿي نڪري، ڏس هن گهايل آڙي کي!
ڇڻ تہ تماشو آهي، ڪائي ڪهل نہ لاڙي کي.
(اياز249:2010)

تون جو رستو ڀُولين ٿو، آ رهنما توسان،
ٻيو ساٿ ضروري ناهي، جي آهہ خدا توسان.
(اياز199:2010)

مٿين دوهن مان هر هڪ دوهو وزن ۽ گهاڙيٽي جي لحاظ کان اياز جو منفرد تجربو آهي. پهرئين دوهي جي گهاڙيٽي تي وائي جي گهاڙيٽي جو اثر آهي. يا ائين چئجي تہ اياز شعوري طور تي وائي جي گهاڙيٽي کي دوهي جي هيئت ۾ پيش ڪرڻ جو تجربو ڪيو آهي. ان کان اڳ سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙو ڪوبہ تجربو نٿو ملي.

مٿئين دوهي کي وائي جي هيئت ۾ لکنداسين تہ اها هيئت هيئن بيهندي:

ٻيهر ڪنهن سان پيار،
ڪري سگهندين تون؟
پنهنجو مايا جار،
ڪري سگهندين تون؟

ان دوهي جو انداز وراڻيءَ رواني وائي جهڙي آهي ۽ باقي ٻيا دوها، غزل جي مطلع جي هيئت ۾ آهن. انهن ٽنهي دوهن جو وزن ۽ انهن جي جيڪا ماترڪ ترتيب آهي، سنڌي دوهي ۾ ان کان اڳ اهڙي ترتيب ۽ انهن وزنن جي استعمال جو ان کان اڳ ڪو مثال نٿو ملي. اهي اياز جا گهاڙيٽي، وزن، ٻولي ۽ رواني جي لحاظ کان نوان ۽ انوکا تجربا آهن.

”سانجهي سمنڊ سپون“ ۾ اياز جا دوها، ٻولي، رواني، وزن ۽ سٽاءُ جي ڪري نئين روايت جو بنياد محسوس ٿين ٿا. هُن، انهن ۾ موضوعاتي وسعت پيدا ڪئي ۽ فني لحاظ کان ان ۾ نظمن وارا بحر ۽ وزن آندا. ان ڪتاب ۾ شامل اياز جا ڪيئي دوها، سٽاءُ، رواني، ٻولي ۽ موضوع جي لحاظ کان پنهنجي اصل ۾ نظم آهن ۽ ڪيترائي دوها، اصل ۾ غزل جي مطلع آهن. جديدسنڌي دوهي ۾ اهڙي قسم جا تجربا، اياز جي دين آهن.

آ بوند نہ برسي ماٿھو تي، هو ڪوڙا ڪارونپار هيا،
سي مات ڏئي ويا ماڻهو کي، جي جڳ جي جڻ جڻ ڪار هيا.
(اياز2010:196)

هي ڪوڙا بحري باز اٿي، جي ڪٽڪن ٿا سي ڪاز اٿي،
پل تن جا چنبا تيز هجن، تون سمجهہ نہ ائن ڪي باز اٿي.
(اياز2010:224)

حيرت آهي جي ٿهلين ٿي، ڇو نہ ڦٽي رابيل پون ٿا،
ڇو نہ پکيئڙا ڦيرا ڏئي، توتي ڪيئي گيت چون ٿا.
(اياز2010:234)

جنهن وقت اپڙڪا ڏئي ٿي رس، جنهن وقت تئي ۾ چاش پچي،
ڳڙ جيسين ان مان تيار ٿئي، جڙ منهن مان ٿو ميناج اچي.
(اياز2010:247)

ڪيڏانهن وڃي ٿي وڻجارا!هي واٽ، ڪٿي تون ڄاڻين ٿو؟
ڇا لاءِ ڪلي ٿو گل ۽ روئي مات، ڪٿي تون ڄاڻين ٿو؟
(اياز2010:220)

ڇا لاءِ ڪرين جاڪوڙ اجائي لوڙ ڪوتا ڪوڙ اٿي،
کهڙو فرق پوي جي توکي، ٻيو ڪجهہ ڪو نہ ڪروڙ اٿي.
(اياز2010:236)

مٿين دوهن ۽ انهن جهڙن ٻين ڪيترن ئي دوهن ۾ اياز پنهنجي دوهي جي پراڻي ۽ ڪلاسيڪل رنگ کي ڇڏي، نئين ٻولي، نون موضوعن، نئين رواني، نون وزنن



۽ نون رديفن ذريعي دوهي ۾ نئون اسلوب ۽ رنگ کڻي آيو آهي. اياز جي انهِيءَ انداز ۽ رنگ، جديد سنڌي دوهي جو مزاج ئي بدلائي ڇڏيو. مٿين دوهن ۾ نظم ۽ غزل جي اسلوب ۽ رنگ جو حسين امتزاج آهي. اياز، جديد سنڌي دوهي کي نيون روشن راهون ڏنيون. جن تي اڄ جديد سنڌي دوهو هلي رهيو آهي.

اياز جي جن شعري مجموعن ۾ دوها آهن، انهن ۾ (1) ڀؤنر ڀري آڪاس (2) ڪُلهي پاتم ڪينرو (3) ڪُونجون ڪِرڪن روح تي (4) سانجهي سمنڊ سپون شامل آهن.

شيخ اياز 1923 ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. هن شاعريءَ جي شروعاتي سِکيا ڪيئلداس ”فاني“ کان ورتي. اياز 1997 تي هِن دنيا کي الوداع ڪيو.

**حوالا:**

- چانڊيو،جامي (1998). سنڌي ادب ۾ تنقيد (حصو پهريون). ڪراچي، سنڌ: سنڌيڪا اڪيڊمي.
- مهراڻ (1996/3) ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.
- اياز، مهراڻ (1956/4) ڄامشورو، سنڌ: سنڌي ادبي بورڊ.
- فياض لطيف (2018). شيخ اياز جا دوها. حيدرآباد، سنڌ: سمبارا پبليڪيشن.
- اياز،شيخ (2010). شاعري_9. ڪراچي، سنڌ: ثقافت کاتو حڪومتِ سنڌ.